# ظلم جو انجام



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ظالمن جو انجام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا عبدُالعزيز دَبّاغ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ سڀني عملن کان اَفضل آهي، هي اُن ملائڪن جو ذِڪر آهي، جيڪي جنت جي چوڌاري رهندا آهن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِپاڪ جي برڪت هي آهي ته جڏهن اهي(ملائڪ) نبي ڪريم، رؤفُ رّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن ته جنّت ڪشاده ٿي ويندي آهي. ( الابريز،الباب الحادي عشر في الجنة،باب في زيادة الجنة...الخ ،٢/٣٣٨)

جائیں نہ جب تک غُلام خُلد ہے سب پر حرام
مِلک تو ہے آپ کا تم پہ کروروں دُرُود

**مختصر وضاحت:** يعني اي جنت جا مالڪ پيارا نبي! اوهان جو شان ڪيڏو اعليٰ آهي جو جيستائين اوهان جي امت جنت ۾ نہ ويندي ان وقت تائين جنت ۾ داخلا هر ڪنهن تي حرام ۽ منع فرمايو ويو آهي ڇوتہ جنت تہ اوهان جي ملڪيت آهي پوءِ اوهان جي اجازت کان بغير ڪير ڪيئن وڃي سگهي ٿو، اي خدا جا پيارا محبوب! اوهان تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن.
(شرح حدائق بخشش،۹۷۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ظلم جي دردناڪ سزا

حضرت امام محمد بن احمد ذهبي رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه نقل ڪن ٿا تہ ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي ڏٺو تہ ان جي ٻانهن ڪنڌ وٽان ڪپيل هئي ۽ هو آواز لڳائي رهيو هو تہ جنهن مون کي ڏٺو اهو هرگز ڪنهن تي ظلم نہ ڪري. مون ان کان واقعو پڇو تہ ٻڌايائين: "منهنجو معاملو گهڻو عجيب ۽ غريب آهي، مان بدمعاشن جو ساٿي هئس، هڪ ڏينهن مون هڪ مڇي واري (Fisherman) کان مڇي کسي ۽ گهر ڏانهن وڃڻ لڳس، واٽ ۾ مڇي منهنجو آڱوٺو چٻائي ورتو، جيئن تيئن مان گهر پهتس ۽ مڇي کي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. آڱوٺي جي درد ۽ تڪليف جي ڪري مان سڄي رات سمهي نہ سگهيس. صبح ٿيو مان طبيب (Doctor) وٽ ويس ۽ ان کي پنهنجو سُڄيل زخمي هٿ ڏيکاريو. ان ٻڌايو تہ آڱوٺو ڪٽڻو پوندو نہ تہ بعد ۾ سڄو هٿ ڪٽڻو پوندو، پوءِ مون پنهنجو آڱوٺو ڪٽائي ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي هٿ تي چوٽ لڳي تہ پُراڻو زخم تازو ٿي ويو، مون کي شديد تڪليف ٿي رهي هئي، مان طبيب وٽ ويس تہ ان هٿ ڪٽڻ جو چيائين، مون ڪٽائي ڇڏيو پر سور سڄي ٻانهن ۾ ڦهلجي ويو. مان سخت تڪليف ۾ هئس ڪنهن گهڙي چين نہ ايندو هو پوءِ ٻهريان نونٺ تائين پوءِ ڪلهي تائين هٿ ڪٽائڻو پيو، ڪجھ ماڻهن مون کان تڪليف شروع ٿيڻ جو سبب پڇيو تہ مون انهن کي مڇي وارو واقعو ٻُڌايو، اهي چوڻ لڳا: جيڪڏهن توهان پهرين مرحلي ۾ مڇي واري وٽ وڃي ان کان معافي گهرو ها ۽ ان کي راضي ڪيو ها تہ شايد توکي اهي عضوا ڪٽائڻا نہ پون ها، هاڻي بہ وقت آهي ان شخص وٽ وڃ ۽ ان کي راضي ڪيو ان کان پهريان جو اها تڪليف سڄي جسم ۾ ڦهلجي وڃي. مون وڏي مشڪل سان مڇي واري کي ڳوليو ۽ معافي گهرڻ جي لاءِ ان جي پيرين پئجي ويس. ان پريشان ٿي پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ مون ٻڌايو: مان اهو ئي شخص آهيان جنهن توکان مڇي کسي هئي، پوءِ مون ان کي سڄي تفصيل ٻڌائي ڪٽيل هٿ ڏيکاريو تہ

هو بہ روئي پيو ۽ چيائين: منهنجا پاءُ! مون توکي معاف ڪيو. مون ان کي شاهد ناهي اڳتي جي لاءِ ڪنهن تي ظلم ڪرڻ کان توبہ ڪري ورتي.
(ڪتاب الکبائر،ص١٢٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ ڪنهن تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ سان اُخروي عذاب سان گڏوگڏ ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ ظالم کي درد ناڪ سزا کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، دهشت گردن، ڌاڙيلن، قتل ۽ رت وهائڻ جو بازار گرم ڪرڻ وارن کي بيان ڪيل حڪايت مان عِبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي انجام کان بلڪل بي خبر نہ رهڻ گهرجي، ڇوتہ جڏهن دنيا ۾ بہ قهر جي بجلي ڪرندي آهي تہ ظالم ماڻهو ذِلت جي موت مارجي ويندا آهن ۽ انهن سان همدردي ڪرڻ وارو، يا انهن جي موت تي لڙڪ وهائڻ وارو بہ ڪو نہ هوندو آهي، اها تہ دنيا جي ذلت آهي جڏهن تہ آخِرت جو عذاب ۽ محشر جي ڏينهن جي رسوائي ۽ حساب ڪتاب جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو. ظلم مان مراد صرف اهو ئي نہ آهي تہ ڪنهن جي اک ڪڍي وڃي، ڪنهن جي جسم جو ڪو حصو ڪٽي ان تي مِرچون وڌيون وڃن، ڪنهن زنده جان جا ننهن ڪڍيا وڃن، يا ڪنهن کي بڪايل ۽ اُجايل قيد ۾ رکيو وڃي بلڪ ڪنهن جو حق مارڻ، ڪنهن کي بلاوجہ تنگ ڪرڻ ايذاء پهچائڻ بہ ظلم ئي جي زُمري ۾ اچي ٿو، جيڪو اسلامي احڪامن جي خلاف ورزي ۽ اللّٰہ ڪريم ۽ ان جي رسولِ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي جو سبب آهي. اچو! پهريان ظلم جي تعريف پڙهو پوءِ ان جي مذمت ۽ ان جي انجام جي باري ۾ پڙهنداسين، جيئن

## ظلم جي تعريف

حضرت شريف جُرجاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي ڪتاب ”اَلتَّعرِيفَات“ ۾ ظلم جي معنیٰ بيان ڪندي لکن ٿا: ڪنهن شيء کي ان جي جڳهہ کان علاوه ڪنهن ٻي جاءِ تي رکڻ. (التعريفات للجرجاني ص 102) شريعت ۾ ظلم مان مراد هي آهي تہ ڪنهن جو حق مارڻ (ڦٻائڻ)، ڪنهن کي غير محل (بي هنڌ) تي خرچ ڪرڻ، ڪنهن کي بنا ڏوهہ جي سزا ڏيڻ. (مراۃ المناجيح ،ج۶ ص ۶۶۹)

افسوس! اڄڪلھ ماڻھو پنھنجي اَنجام ڪان بي خوف ٿي ظلم ۽ زيادتي ڪندي، ڌمڪيون ڏئي ماڻھن ڪان رقم جو مُطالبو ڪندا آھن، ماڻھن جي مال ۽ جائيداد تي قبضو ڪندا آھن، چوري، ڌاڙو، دھشت گردي ۽ قتل ۽ رت وھائڻ جھڙن گناھن ۾ مبتلا ٿي خبر ناھي ڪھڙي ڪھڙي انداز سان مسلمانن جا حق برباد ڪري رھيا آھن. ياد رکو! ظلم جو انجام نھايت ئي ڀيانڪ ۽ خطرناڪ آھي اسان دنيا ۾ چاھي ڪنھن تي ڪيترو ئي ظلم ڪري ونون ۽ بي خوف ٿي گُھمندا وتون پر اھو بہ ياد رکو! مرڻ ڪان بعد ھر ظلم جو حساب ڏيڻو پوندو. ڪوڙاھڙا ظالم ۽ جابر ماڻھو گذريا جن جو شمار دنيا جي طاقتور ماڻھن ۾ ٿيندو ھو، جن وٽ نعمتن جا خزانا موجود ھا، جن جي حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ چڻ تہ موت کي دعوت ڏيڻ ھو، جيڪي زمين تي آڪڙجي ھلندا ھا، جن جي ظلم ۽ جبر جا نہ صرف ڪارناما ٻڌي بلڪ انھن جو نالو ٻڌي ئي ماڻھو ڏڪي ويندا ھا، شايد اھي ھن ڳالھ ڪان بي خبر ھا تہ ھڪ ڏينھن انھن کي بہ مرڻو آھي ۽ پنھنجي ڪرتي جو ڦل سھڻو پوندو، آخرڪار موت انھن کي پنھنجي شِڪنجي ۾ ونئي انھن جو غروروتڪبر ھميشہ جي لاءِ خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. اچو! اھڙي ئي ھڪ ظالم بادشاھ جي موت جي عبرت آموز حڪايت ٻڌو ۽ نصيحت جا مدني گل چُوندي پنھنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن

## ظالم بادشاھ جو عبرت ناڪ انجام!

ڪنھن ملڪ ۾ ھڪ ظالم ۽ مغرور بادشاھ رھندو ھو. ان ھڪ عظيم الشان (Magnificent) محل ناھرايو ۽ ان جي تعمير تي ڪافي مال خرچ ڪيائين، تعمير مڪمل ٿيڻ ڪان بعد بادشاھ پنھنجي ڪجھ سپاھين کي ونئي ۽ محل ڏسڻ جي لاءِ نڪتو. اندران ڏسڻ ڪان بعد ان محل جي چوڌاري چڪر لڳائي بيروني حصي جو مُعَائِنو شروع ڪيو. ھڪ ھنڌ رُڪي ان ھڪ جھوپڙي (Cottage) ڏانھن اشارو ڪندي پڇيائين: اھا اسان جي محل پرسان جھوپڙي ڪنھن ناھي آھي؟ سپاھين جواب ڏنو: "ڪجھ ڏينھن ڪان ھتي ھڪ مسلمان

پوڙهي عورت آئي آهي، ان اها جهوپڙي ناهي آهي ۽ هوءَ ان ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪندي آهي. بادشاهه اهو ٻڌي وڏي تڪبر ڀري انداز ۾ چيائين: هن غريب پوڙهي کي اها جرئت ڪيئن ٿي ته اسان جي محل جي ويجهو جهوپڙي ناهي، هن جهوپڙي کي هڪدم ڍاهي پٽ ڪريو. حڪم ملندي ئي سپاهي جهوپڙي ڊاهڻ وڌيا، پوڙهي ان وقت اتي موجود نه هئي. سپاهين هڪدم ان غريب پوڙهي جي جهوپڙي کي ختم ڪري ڇڏيو. بادشاهه جهوپڙي ڪرائڻ کان بعد پنهنجن دوستن سان گڏ پنهنجي نئي محل ۾ ويو. جڏهن پوڙهي واپس موٽي ته پنهنجي ٽٽل جهوپڙي کي ڏسي گهڻي غمگين ٿي ۽ جڏهن ان کي معلوم ٿيو ته بادشاهه ان جي جهوپڙي ڪرائي آهي. ته ان آسمان ڏانهن نگاهه کڻي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائين: اي منهنجا پاڪ پرور دگار! جنهن وقت منهنجي جهوپڙي ٽوڙي وئي، مان موجود نه هئس پر منهنجا رحيم ۽ ڪريم پرور دگار! تون ته هر شيءِ ڏسين ٿو، تنهنجي قدرت ته هر شيءِ کي محيط آهي، تنهنجي هوندي تنهنجي هڪ عاجز ٻانهيءَ جي جهوپڙي ٽوري وئي. ان پوڙهي جي فرياد ۽ دعا مقبول ٿي. الله ڪريم حضرت سَيدُنا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو ته هن سڄي محل کي بادشاهه ۽ ان جي سپاهين سميت تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏ. حڪم ملندي ئي حضرت سَيدُنا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي آيا ۽ سڄي محل کي ان ظالم بادشاهه ۽ ان جي سپاهين سميت زمين ۾ دٻائي ڇڏيو. (عيون الحكايات، الحكاية الثالثة والستون بعدالمائة، ١٧٦)

اميراهلسنت نصيحت جا مدني گل ڏيندي فرمائن ٿا:

بادشاهوں کی بکھری ہوئی ہڈیاں — کہہ رہی ہیں نہ بننا کبھی حکمراں
اِحتِساب اِسکا گزرے گا تم پر گراں — حشر میں جب کہ جاؤ گے مر کر میاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله پاڪ جي پڪڙ وڏي سخت آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل عبرت ناڪ حڪايت مان معلوم ٿيو ته

ظلم ۽ غرور ۽ تکبر ڪرڻ الله پاڪ کي بلڪل پسند نہ آھي. جڏھن ڪو نادان غرور ۽ تکبر جي نشي ۾ ڪنھن کي ظلم وستم جو نشانو ناھيندو آھي تہ الله پاڪ جو غضب جوش ۾ ايندو آھي، پوءِ ظالم چاھي ڪيترو ئي طاقتور ڇو نہ ھجي ان کي آخرت کان پھريان دنيا ۾ بہ نشانِ عبرت بڻائي ڇڏيندو آھي . بيشڪ ھن حڪايت ۾ انھن نادانن جي لاءِ عبرت جا مدني گل موجود آھن جيڪي ڪثرتِ مال ۽ دولت، خاندان ۽ اعليٰ منصب يا وزارت وغيره جي غرور (Pride) ۾ ماڻھن تي ظلم و ستم ڪن ٿا. اھڙن کي گھرجي تہ اھي قھرِ الھي کان ڊڃن ۽ ظلم جھڙي تباہ ڪندڙ آفت کان ھڪدم توبھ ڪن نہ تہ ياد رکو! الله پاڪ ظالم کي مھلت (Respite) ڏيندو آھي پر جڏھن پڪڙ ڪندو آھي تہ ان جي پڪڙ وڏي سخت ٿيندي آھي،

حضرتِ ابوموسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آھي، نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيمصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ظالم کي مھلت ڏيندو آھي ايستائين جو جڏھن ان کي پنھنجي پڪڙ ۾ وٺندو آھي تہ پوءِ ان کي ناھي ڇڏيندو. ھي فرمائي سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيپاري 12 سوره ھود جي آيت نمبر 102 تلاوت فرمائي:

وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى وَ هِیَ ظَالِمَةٌؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِیْمٌ شَدِیْدٌ(۱۰۲)

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ اِھڙي ئِي طرح پڪڙ آھي تُنھنجي رب جِي جڏھن ڳوٺن کي پڪڙي تو اُنھن جي ظلم تي، بيشڪ اُن جِي پڪڙ سخت دردناڪ آھي.

(بخاري، ڪتاب التفسير، باب وڪذلڪ اخذ ربڪ اذا اخذ القري وھي ظالمۃ۔۔ الخ، ۳/۲۴۷، الحديث: ۴۶۸۶)

مفسرِ قرآن علامہ صاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ھر ظلم ڪرڻ واري تي لازم آھي تہ ھو پنھنجي ظلم کان توبہ ڪري ۽ ظلم ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ جنھن جو جيڪو حق ڪسيو ھجي اھو ان کي موٽائي ڏي، تہ جيئن ھو ھن عظيم وعيد ۾ داخل نہ ٿئي ڇو تہ اھا آيت اڳوڻين اُمتن سان خاص نہ آھي بلڪ ھر ظالم لاءِ عام آھي. ( تفسير صاوي، ھود تحت الآية:۱۰۲، ۹۳۱/۳)

## مُعاشري مان ظلم جو خاتمو ڪرڻ ۾ دينِ اسلام جو ڪردار:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جڏهن الله پاڪ ڪنهن ظالم جي پڪڙ ڪندو آهي تہ پوءِ ان کي بچائڻ وارو ڪير ناهي هوندو. يقيناً ظلم هڪ اهڙو بدترين فعل آهي جنهن سبب جهيڙا ۽ فساد ٿيندا آهن، ماڻهن جي عزتن جو تحفظ ناهي رهندو، مُعاشري جو امن ۽ سڪون تباهہ ٿي ويندو آهي، ماڻهو بغاوت ۽ سرڪشي تي لهي ايندا آهن ۽ مسلمانن جا حق ضائع ٿيندا آهن. دينِ اسلام جيئن تہ انساني حقن جو وڏو محافظ ۽ معاشري ۾ امن ۽ سڪون قائم ڪرڻ وارو مذهب (Religion) آهي. ان ڪري اسلام هر ان ڪم کان منع ڪيو آهي جيڪو ٻانهن جا حق ضايع ڪرڻ جو سبب ٿيندو هجي. هنن ڪمن ۾ ظلم جو ڪردار جيئن تہ ٻين فعلن جي مقابلي ۾ تمام گهڻو آهي ان ڪري اسلام ظلم جي خاتمي جي لاءِ بہ تمام بهترين قدم بيان ڪيا آهن تہ جيئن ماڻهن جا حق محفوظ رهن ۽ اهي امن ۽ سڪون واري زندگي گذارين. انهن مان هڪ قدم (Step) هي آهي تہ جتي ڪنهن تي ظلم ٿيندي ڏسو تہ پنهنجي استطاعت جي مطابق ظالم کي روڪڻ جي ڪوشش ڪريون، ان کي اسلام جي پاڪيزه تعليمات کان آگاهہ ڪندي ظلم جي وعيدن تي مشتمل حديث سڳوريون ٻڌايون تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو:

(1) اي انسانو! الله پاڪ کا ڊڄو، خدا جو قسم! جيڪو مومن ٻي مومن تي ظلم ڪندو تہ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان ظالم کان انتقام وٺندو.
(كنز العمال، كتاب الاخلاق، قسم الاقوال، الظلم والغضب، ۲۰۲/۲، الحديث: ۷۶۲۱، الجزء:۳)

(2) ارشاد فرمايائون: جنهن ڪنهن ظالم جي ان جي ظلم تي مدد ڪئي اهو قيامت جي ڏينهن ان حال ۾ ايندو جو ان جي پيشاني تي لکيل هوندو:”آيِسٌ مِّنْ رَّحْمَةِ الله“ يعني هي الله ڪريم جي رحمت کان مايوس آهي.
(مسند الفردوس، باب الميم، ۲۹۷/۲، الحديث: ۶۲۳۲)

(3) ارشاد فرمايائون: ظلم ۽ قطعِ رحمي (يعني رشتيداري ختم ڪرڻ) کان علاوه

کو گناهه اهڙو ناهي، جنهن جي ڪندڙ کي الله پاڪ آخرت ۾ سزا ڏيڻ سان گڏوگڏ دنيا ۾ به سزا ڏيڻ ۾ جلدي ڪندو هجي.

(سنن الترمذي ،ڪتاب صفة القيامة، ۲۲۹/۴، الحديث:۲۵۱۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُعاشري ۾ امن جي فضاء قائم ڪرڻ ۽ ان جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽ ”ظلم“ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اسان جڏهن ڪنهن کي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون حديثون ٻڌائيندا سين ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اهي دردناڪ وعيدون ٻڌي تي سگهي ٿو ان جي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿئي ۽ اهو ظلم کان مُڙي وڃي. معاشري مان ظلم جو خاتمو ڪرڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجن بُزرگن سڳورن جي طريقي کي پيشِ نظر رکڻ گهرجي ته اهي بزرگ ظالم جي اصلاح جي نيت سان بنا ڊپ ۽ گهٻرائڻ جي حق ڳالهه ڪندا هئا ۽ ان کي ظلم کان روڪيندا هئا.

## احمد بن طولون انصاف پسند ڪيئن ٿيو؟

اچو! هاڻي ظلم روڪڻ بابت حضرت سيدتنا نفيسه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، منقول آهي ته احمد بن طُولون جي عادل (انصاف ڪرڻ وارو) بڻجڻ کان اڳ ۾ جڏهن هو ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳو ته ماڻهو ان جي ظلم کان نجات جي لاءِ حضرت سيدَتُنا نفيسه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ ان جي شڪايت ڪيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ماڻهن کان پڇيو: هو ڪنهن وقت سواري تي نڪرندو؟ ماڻهن عرض ڪيو: سڀاڻي نڪرندو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا هڪ مڪتوب لکيو ۽ ان واٽ ۾ ويهي رهيون جتان کان احمد بن طولون کي گذرڻو هو. جڏهن هو گذريو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا فرمايائون: اي احمد! اي ابن طولون! جڏهن ان ڏٺو ته پاڻ کي سڃاڻي ورتو ۽ گهوڙي تان لهي آيو ۽ مڪتوب (خط) وٺي پڙهڻ لڳو جنهن ۾ لکيل هو: تون بادشاهه ٿيئن ته تو ماڻهن کي قيد ڪيو، تون قادر ٿئين ته تو ماڻهن کي مجبور ڪيو، تنهنجي ذمي ڪفالت ٿي ته تو ماڻهن تي ظلم ڪيو، ماڻهن جي رزق تي توکي ضامن

ٻڌايو ويو تہ تو انهن کي محروم ڪيو ۽ توکي اها بہ خبر آهي تہ ظلم جو تير پار ٿيندو آهي خطا ناهي ٿيندو خاص ڪري انهن جي دلين مان جنهن کي تو ڏک ڏنو، انهن جگرن کان جن کي تو بکيو رکيو ۽ انهن جي جسمن کان جن کي تو بي لباس رکيو، اها ڳالھ ممڪن ناهي تہ مظلوم مري وڃن ۽ ظالم هميشہ باقي رهن. تنهنجي مرضي تون جيڪو چاهي ڪر اسان صبر ڪنداسين ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ظلم جي شڪايت ڪنداسين.“ (خط کي پڙهڻ سان ان تي گهڻو اثر ٿيو) ان کان بعد احمد بن طولون ماڻهن جي فيصلن ۾ انصاف ڪرڻ لڳو. (المستطرف في کل فن مستظرف ، ۱۹۰/۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی محمَّد

## ظالمن جي مدد بہ بُري آهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ حضرت سيدتنا نفيسہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جڏهن ان ظالم شخص جي اصلاح ڪندي ان کي سمجهايائين تہ هو پنهنجي ظلم کان مڙي ويو ۽ ماڻهن ۾ عدل ۽ انصاف ڪرڻ وارو بڻجي ويو. حضرت سَيِدَتُنَا نفيسہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا گهڻي پاڪباز خاتون هئي، پاڻ ڏينهن ۾ روزو رکنديون هيون ۽ سڄي رات عبادتِ الٰهي ۾ مشغول رهنديون هيون، حرمِ نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ڪڏهن جدا نہ ٿينديون هيون، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ٽيهہ (30) حج ڪيا جن مان اڪثر پيدل ڪيا ها، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ڪعبي شريف جي پردن کي پڪڙي زارو قطار روئنديون هيون ۽ بارگاهہ الٰهي ۾ فرياد ڪنديون هيون تہ: خدايا! مون کي پنهنجي رضا تي راضي رک . (نور الابصار،ص۳۹۰) تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ڪنهن تي ظلم ٿيندي ڏسي ڪري مظلوم جي مدد ڪريون، پنهنجي قدرت جي مطابق ظالم کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون ۽ پاڻ بہ پنهنجن ٻارن ٻچن، رشتيدارن، ملازمن، نوڪرن ۽ عام مسلمانن تي ڪنهن بہ طرح جو ظلم نہ ڪيون پاڻ بہ ظلم کان بچون، ٻين کي بہ ظلم کان روڪڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ڪنهن ظالم سان ملي ان جي جُرم ۾ شامل نہ ٿيون ڇوتہ ظالمن جي مدد ڪرڻ واري جو انجام بہ گهڻو بُرو هوندو آهي، جيئن

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن ظالم جي باطل ڪم تي مدد ڪئي تہ جيئن هو ان جي ذريعي حق کي پري ڪري تہ هو اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذِمي کان بَري آهي ۽ جيڪو ظالم سان گڏ ان جي مدد جي لاءِ ويو، جڏهن تہ ان کي خبر آهي تہ هي ظالم آهي تہ هو اسلام مان خارج ٿي ويو. (المعجم الاوسط،۲/۱۸۰، الحديث:۲۹۴۴۔المعجم الکبير،ج۱،ص۲۲۷، الحديث:۶۱۹)

حڪيم الامت حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هلڻ مان مراد مطلقًا ان جي ظلم تي مدد ڏيڻ آهي. چاهي ان سان گڏ هلي ڪريو يا گهر ۾ ويهي، چاهي زبان سان هجي يا قلم سان، ظلم جي مدد بهرحال حرام آهي. رب تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۠

(**ترجمو ڪنز الايمان**: ۽ گناهہ ۽ زيادتي ۾ هڪ ٻئي کي مدد نہ ڏيو.) (پ۶،المائدة:۲)

اڄوڪي دور ۾ ظالمن کان وڌيڪ ظالمن جا حمايتي ماڻهو آهن. وڌيڪ فرمائن ٿا يعني اهي ظالمن جا حمايتي اسلام جي نور مان نڪري ويا يا اسلام جي حقيقت کان خارج ٿي ويا ڇوتہ اسلام جي حقيقت هي آهي تہ ماڻهو ان جي شر کان سلامت رهن. (مراة المناجيح،۶/۶۷۹)

## ظالمن جي مددگارن جو انجام!

ابنِ هُبَيرَہ جڏهن امام منصور بن معتمر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي قاضي (Judge) بڻائڻ جو ارادو ڪيو تہ منصور چيائين: مان قاضي نہ بڻجندس ڇوتہ مون حضرت سيدُنا ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان هڪ حديث ٻڌي آهي. ابنِ هبَيره چيائين: انهن توکي ڪهڙي حديث ٻڌائي آهي؟ منصور چيو: حضرت سيدُنا ابراهيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرت سيدُنا علقمہرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان ۽ ان حضرت سيدُنا ابنِ مسعود رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت ڪئي تہ حُضور نبي رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ هڪ منادي ندا ڪندو(يعني آواز ڏيڻ وارو آواز ڏيندو): ڪٿي آهن ظلم ڪرڻ وارا؟ ڪٿي آهن ظالمن جا مددگار؟ ڪٿي آهن ظالمن جا حمايتي؟ ايستائين جو انهن ماڻهن کي بہ آندو ويندو جن ظالمن جي لاءِ قلم تراشو هوندو يا مَس پِري هوندي تہ انهن سيني کي لوهي تابوت ۾ گڏ ڪري جهنم جي باهہ ۾ اڇلايو ويندو.

(مسند الفردوس، ١/ ١٥٣، حديث: ٩٩٥،عن ابي هريرة) (المستطرف في كل فن مستظرف،١ / ١٨٨)

## قيامت جي ڏينهن ظلم جو حساب ڪيئن ڏينداسين؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جا بُزرگانِ دين دنياوي عهدو ۽ منصب قبول ڪرڻ کان ڊڄندا ها ڇاڪاڻ تہ انهن کي خبر هئي تہ جيڪو ڪنهن منصب تي فائز ٿي ويندو آهي ممڪن آهي هو ڪنهن فيصلي ۾ ناانصافي ڪري، ڪنهن سان ظلم ڪري، نہ چاهيندي بہ ڪنهن جي حق تلفي ڪري ۽ ان ڪري ان کي بروزِ قيامت الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ ذلت ۽ رسوائي کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي. تنهنڪري ظلم کان بچڻ جي لاءِ اسان کي اها ڳالهہ ذهن ۾ چڱي نموني ويهارڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اڄ مان پنهنجي شهرت، دولت يا پنهنجي طاقت جي سبب ڪنهن غريب تي ظلم ڪندس تہ دنيا ۾ ٿي سگهي ٿو تہ مون کي ڪو پڪڙي نہ سگهي ۽ مون کي ظلم جي سزا نہ ڏني وڃي پر مرڻ کان بعد جڏهن ميدانِ محشر ۾ حساب ۽ ڪتاب جو سلسلو شروع ٿيندو ان وقت ڇا ڪندس؟ ڇا ان وقت بہ مون کي پنهنجي شهرت جي سبب حساب ۽ ڪتاب مان ڇوٽڪارو ملي ويندو؟ ڇا ان وقت بہ دنياوي شخصيات کان تعلقات اسان جي ڪم ايندا؟ ڇا ان وقت جسماني طاقت جي ڪري اسان جي آزادي جي صورت بڻجي سگهندي؟ بلڪل نہ ڇوتہ ان وقت اسان جي دنياوي ڪورٽ نہ هوندي جنهن ۾ ڪڏهن ڪنهن بي قصور کي قصور وار ثابت ڪري پاڻ باعزت بري ٿي ويندا آهن بلڪ اها عدالت تہ ان مالڪ ڪائنات جي هوندي جيڪو سڄي دنيا جو حقيقي بادشاهہ آهي ان ڏينهن تہ ننڍي کان ننڍي ظلم ۽ حق تلفي جو بہ بدلو ورتو ويندو مثال طور دنيا ۾ ڪنهن کي گار ڏني هوندي،

بِلااجازتِ شَرعي ڏڙڪا ڏنا هوندا، ڪنهن جي بي عزّتي ڪئي هوندي، ڪنهن کي ذليل ڪيو هوندو، مار ڪٽ ڪئي هوندي، عارضي شيون وٺي قصداً واپَس نہ موٽايون هونديون، ڪنهن جو قرض دٻائي، دل ڏُکائي ان کي ناراض ڪيو هوندو، اڪيون ڏيکاري ڊيڄاريو هوندو، مطلب تہ ان ڏينهن تہ هر هڪ ظلم جو حساب ڏيڻو پوندو، تنهنڪري آخرت ۾ حساب ڏيڻ کان بهتر آهي اسان حياتي ۾ دنيا ۾ ئي هر هڪ کان هٿ ٻڌي، ان جي سامهون ٻاڏائي ڪري ڪيل زيادتين ۽ حق تلفين جي معافي گهري وٺون ڇوتہ دنيا ۾ تہ معافي تلافي جي ذريعي ڪم ٻڌجي سگهي ٿو پر بروزِ قيامت حساب ڏيڻ کان سواء ڪا صورت نہ هوندي. جيئن تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ اسان کي ان جي ترغيب ڏياري آهي جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جنهن جي ذمي پنهنجي ڀاءُ جي عزت وغيره ڪنهن ڳالهہ تي ظُلم ڪيو هجي تہ ان تي لازم آهي تہ قيامت جو ڏينهن اچڻ کان اڳ هتي دنيا ئي ۾ معاف گهري وٺي، ڇوتہ اتي نہ دينار هوندا ۽ نہ درهم، جيڪڏهن ان وٽ ڪجهہ نيڪيون هونديون تہ ان جي حق جي برابر هن کان وٺي ان کي ڏنيون وينديون نہ تہ ان(مظلوم) جا گناهہ ان (ظالم) تي رکيا ويندا.

(بخاري،ڪتاب المظالم و الغضب ،باب من ڪانے له مظلمة ۔۔الخ ، ۲/۱۲۸، حديث: ۲۴۴۹ )

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن توهان دُنيا ۾ ماڻهن جا حق اَدا نہ ڪيا تہ پوءِ هر صورت ۾ قِيامت ۾ اَدا ڪندؤ، هتي دنيا ۾ مال مان ۽ آخِرت ۾ عملن سان ، تنهنڪري بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ دُنيا ئي ۾ ادا ڪريو، نہ تہ پڇتائڻو پوندو.

(مرأة المناجيح ،ج۶ ص ۶۷۳)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں
بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ!
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دَم
کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یا ربّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "فجر ڪان پوءِ مدني حلقو"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان به ظُلم وسِتم جي آفتن کان پري رهڻ چاهيو ٿا ۽ چڱيون عادتون اپنائڻ چاهيو ٿا ته عاشقانِ رسول جي مسجد ڀريو مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ ذيلي حلقي ۾ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم نمازِ فجر کان پوءِ مدني حلقو به آهي، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني حلقي ۾، ٽي قرآني آيتن جي تلاوت ساڻ تَرجمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان / تفسيرنورُالْعرفان / تفسير صِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحات) ۽ آخر ۾ شَجره قادِريه، رَضَويه، ضيائيه، عطاريه پڙهيو ۽ ٻڌو ويندو آهي. ان کان بعد شجري جا ڪجهه نه ڪجهه ورد وظيفا ۽ اِشراق وچاشت جا نفل پڙهڻ جي به ترڪيب ٿيندي آهي. قرآنِ مجيد پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي ته ڇا ڳالهه آهي.

حضرتِ سيدُنا اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان رِوايت آهي ته رسولِ اڪرم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن شَخص قرآنِ پاڪ سکيو ۽ سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهه قرآنِ پاڪ ۾ آهي، ان تي عمل ڪيو، قرآن شريف ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنّت ۾ وٺي ويندو. (تاريخ ابن عساکر،۳/۴۱، معجم کبیر، ۱۰/ ۱۹۸ حدیث: ۱۰۴۵۰) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن شَخص قرآنِ مجيد جي هڪ آيت يا دِين جي ڪا سنّت سيکاري قِيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ اهڙو ثواب تيار ڪندو جو ان کان بهتر ثواب ڪنهن جي لاءِ به نه هوندو.
(جمع الجوامع، ۷/۲۸۱، حدیث:۲۲۴۵۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اسان دعوتِ اسلامي جي مدني

ماحول سان وابستہ ٿي 12 مدني ڪمن جي ذريعي دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام خوب عام ڪيون ۽ شريعت جي دائري ۾ رهندي دنيا سان گڏوگڏ پنهنجي آخِرت بہ بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جو مدني ماحول لکين بگڙيل ماڻهن جي اصلاح جو سبب بڻيو آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني ماحول سان وابستگي جي هڪ مدني بهار پڙهو. جيئن

## روحاني ۽ جسماني مرض ختم ٿي ويا

مراد آباد (يوپي، هند) جي محلي نئين بستي ۾ رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان ڪافي بيمارين ۾ مبتلا هو، ان کي نہ نمازن جو هوش هو ۽ نہ ئي سُنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو، نوان نوان فيشن اپنائڻ ۽ بي حيائي جي ڪمن ۾ مبتلا رهڻ ان جو معمول بڻجي چڪو هو. گناهن جو مريض هئڻ سان گڏوگڏ جسماني طور تي بہ بيمار هو، ان جي نڪ جي هڏي وڌي چڪي هئي ۽ دل ۾ بہ سور رهندو هو جنهن سبب ذهني تڪليف ۾ مبتلا رهندو هو. خوش قسمتي سان هڪ پيرو ان کي دعوتِ اسلامي تحت سُنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ واري مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي، عاشقانِ رسول جي صحبت تہ ڇا ملي ان جي تہ زندگي ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويو، راهِ خدا ۾ گذرندڙ وقت جي سبب ان کي پنهنجي بدعملي تي شرمندگي ٿيڻ لڳي، ان پنهنجي سمورن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدني قافلي کان واپسي تي راهِ خدا ۾ گهريل دعائن جي برڪت سان نہ صرف ان جي نڪ جي وڌيل هڏي درست ٿي چڪي هئي بلڪ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ان جي دل جو مرض بہ ختم ٿي ويو.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں ختم ہوں آفتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اميراهلسنت بانيِ دعوت اسلامي حضرت علاما مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ وقت به وقت امتِ مسلمه جي خير خواهي ڪندي اسلامي زندگي سهڻي اصولن جي مطابق گزارڻ جي لاءِ مدني تربيت جا قيمتي مدني گل ارشاد فرمائيندا رهندا آهن، ڪيئي مدني مذاڪرن ۾ ”ظلم“ جي عنوان تي پاڻ نهايت پياري انداز ۾ امتِ مسلمه کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اچو! ڪجهه مدني گل اسان به ٻڌون ته، پاڻ فرمائن ٿا:

- باعمل مسلمان غير مسلمانن تي ظلم ناهي ڪندو، ڌوڪو ناهي ڏيندو. (14آگسٽ2014)
- جانور تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان سخت آهي. (28سيپٽمبر2014)
- جنهن اڄ تائين جانورن تي ڪنهن قسم جو به ظلم ڪيو هجي اهي سيئي توبهه ڪن. (17آڪٽوبر2014)
- ڪڏهن به جانورن تي ظلم نه ڪيو. مظلوم چاهي ڪافر هجي يا جانور، ان جي بد دعا قبول آهي. (8نومبر2014)
- ٻار کي ٻئي ٻار تي ظلم ڪرڻ جي اجازت ناهي. (28فيبروري2015)
- دينِ اسلام، غير مسلم تي به ظلم ڪرڻ کان منع ڪري ٿو. (15ڊسمبر1015)
- مسلمان جي غيبت ڪرڻ به ظلم آهي. (19ڊسمبر2015)
- حقوق العباد کي ضايع ڪرڻ به ظلم آهي. (21جنوري2016)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مُعاشري ۾ ڏٺو ويو آهي ته جنهن جو جنهن

تي وس هلي ٿو اهو پنهنجو زور استعمال ڪري ٿو، ڳالهہ ڳالهہ تي ان کي هرو ڀرو ذليل ۽ رُسوا ڪري ٿو، ان جي مال ۽ جائيداد تي قبضو ڪري ٿو، سيٺ پنهنجو زور ڏيکاري شريف ملازم يا نوڪر کان خوب ڪم ڪرائي ٿو پر پگهار نٿو ڏي، سس پنهنجي ننهن يا ننهن پنهنجي سس تي ظلم ڪندي نظر ايندي آهي، چورن ڌاڙيلن کي ڪنهن جي چڱي موبائل يا روپين جي خبر ملي وڃي تہ ان ويچاري کي منٽن ۾ ڪنگال ڪري ڇڏيندا آهن ڇوتہ انهن کي خبر هوندي آهي تہ ان ۾ وڙهڻ يا بدلو وٺڻ جي همت ۽ حوصلو ناهي تنهنڪري دل کولي پنهنجي طاقت (Power) ۽ رعب(Awe) جو استعمال ڪريو. اهوئي نہ! ڪڏهن تہ مذهبي ڏسڻ ۾ ايندڙ بہ اهڙيون بي احتياطون ڪندا آهن جو انهن کي نہ ڪرڻ گهرجن مثال طور مسجد جي انتظاميہ يا مسجد کي چندو ڏيڻ وارا افراد ڪڏهن ڪڏهن امام صاحب جي هڪ منٽ بہ دير سان اچڻ جي سبب سيني جي سامهون بي عزت ڪندا هوندا تہ”حضرت!وقت جي پابندي ڪندا ڪيو، اوهان تہ امام آهيو“ هرون ڀرون بي عزتي ڪرڻ وارا نادان اهو نہ ٿا سوچين تہ امام ويچارو بہ انسان آهي، ان کي بہ ڪا مجبوري ٿي سگهي ٿي، اهڙو نادان شخص الله پاڪ جي راهہ ۾ مسجد کي چندو ڏيڻ وارو ڇڻ اهو سمجهي ٿو تہ هاڻي مان جيڪو چاهيان ڪيان، مان جيئن چوان ائين ٿيڻ گهرجي، جنهن مسجد ۾ اهڙو ماحول هوندو، اتي محبتن جي بدران نفرت ديوار بيهي سگهي ٿي،

ياد رکو! جنهن ڪمزور شخص تي اسان ظلم ڪيو، ٿي سگهي ٿو هو اسان کان بدلو نہ وٺي سگهي پر ممڪن آهي تہ ”جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي “ جي مطابق ڪو ٻيو اسان تي قابض ٿي اسان سان پڻ ساڳيو سلوڪ ڪري ۽ اسان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهون .الله پاڪ سيپارو 8 سُوْرَةُ الْاَنْعَام آيت نمبر 129 ۾ ظالمن کي خبردار ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ كَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۲۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهڙي طرح اسان ظالمن مان هڪڙن کي پين تي مُسَلَّط ڪندا آهيون. سندن ڪرتوتن جي بدلي.

## ظلم ڪرڻ وارن کي عبرت ڏياريندڙ نصيحت:

تفسير صراط الجنان جلد 3 صفحي 209 تي آهي: هن آيت سڳوري ۾ ظلم ڪرڻ وارن جي لاءِ وڏي نصيحت (Advice) آهي، جيئن حضرت ابوعبدالله محمد بن احمد قرطبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت ۾ ظلم ڪرڻ وارن کي تنبيھ ڪئي پئي وڃي ته جيڪڏهن هو پنهنجي ظلم کان نه مڙيا ته الله تعالىٰ انهن تي ٻيو ظالم مسلط ڪندو، هن آيت ۾ هر قسم جا ظالم داخل آهن، اهو شخص جيڪو گناھ ڪري پنهنجي جان تي ظلم ڪري ٿو، جيڪو حاڪم يا افسر پنهنجي رعايا ۽ ماتحت ماڻهن تي ظلم ڪري ٿو، جيڪو واپاري (Merchant) جعلي ۽ ملاوت واريون شيون وڪڻي خريدارن تي ظلم ڪري ٿو، اهڙي طرح جيڪي چور ۽ ڌاڙيل مسافرن ۽ شهرين کان ڦُر مار ڪري انهن تي ظلم ڪن ٿا اهي سيئي ظالم جي صف ۾ شامل آهن، انهن سيني تي الله تعالىٰ ڪو انهن کان وڏو ظالم مسلط ڪندو آهي.

(تفسيرقرطبي، الانعام، تحت الآية: ۱۲۹، ۶۲/۴، الجزء: ۷ بتغير قليل )

## بدلو وٺڻ بدران معاف ڪري ڇڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ظالم چاهي ڪنهن تي ڪيترو ئي ظلم ڪري پر نيٺ ان کي ظُلم جي سزا ضرور ملندي آهي ۽ الله پاڪ ڪنهن ٻي ظالم کي ان تي مسلط ڪري مظلوم جو بدلو ڏياريندو آهي. جيڪڏهن مظلوم پاڻ ئي ظالم کان بدلو وٺڻ چاهي ته شريعت ۾ ان جي اجازت آهي پر ائين نه ٿئي ته بدلو وٺڻ جي ڪوشش ۾ حد کان وڌي پاڻ به ظالم بڻجي وڃي. مثال طور ڪنهن هڪ چماٽ هنئي ته به چماٽون وهائي ڪڍي، ڪنهن مٿو ڦاڙيو ته ان جي مٿي سان گڏوگڏ جسم جو ٻيو حصو به زخمي ڪري ڇڏي، ڪنهن ٻانهن ڀوڙي ته ان جي ٻانهن ئي جسم کان جدا ڪري ڇڏي، ڪنهن ٽنگ ڀوڙي

تہ ان جي تنگ ئي ڪپي ڇڏي ڪنهن اسان جي عزيز کي قتل ڪيو تہ قاتل جي سڄي خاندان کي ئي موت جي ننڊ سمهاريو وڃي بلڪ جيترو ان تي ظلم ٿيو ايترو ئي بدلو وٺڻ جي اجازت آهي ان کان وڌيڪ بدلو نٿي وٺي سگهي نہ تہ پهريان جيڪو مظلوم هو هاڻي اهو ئي ظالم ٿيندو. اهڙي صورت ۾ بهتر هي آهي تہ ازخود بدلو وٺڻ جي بدران شرعي رهنمائي وٺي قانون جو سهارو ورتو وڃي شرعي ۽ قانوني طور تي ان ظلم جي جيڪا سزا بڻجي ٿي ظالم کي اها سزا ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو وڃي. مُفتِي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ملڪي انتظام صرف بن شين سان قائم رهي سگهي ٿو سزائون سخت هجن جيئن اسلامي سزائون آهن ۽ ڪنهن مجرم جي رعايت ضمانت نہ هجي ڪو بدمعاش قانون جي پڪڙ کان بچي نہ سگهي. (مرآة المناجيح، ۳۱۱/۵) بدلو وٺڻ وقت هن ڳالھ جو امڪان رهندو آهي تہ انسان ڪاوڙ ۾ اچي ڪجھ زيادتي نہ ڪري ويهي، جيتري طاقت سان ڪنهن چماٽ هنئي، ممڪن آهي بدلو وٺڻ وارو ان کان وڌيڪ طاقت سان هڻي تہ ان جي بہ منع آهي. تنهنڪري بدلو وٺڻ جي قدرت جي باوجود معاف ڪرڻ ان کان وڌيڪ بهتر ۽ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب جو سبب آهي. سيپارو 25 سُورَةُ الشوريٰ آيت نمبر 40 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَجَزٰٓؤُا سَیِّئَةٍ سَیِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ فَمَنْ عَفَا وَ اَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۴۰﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ برائي جو بدلو انهيءَ جي برابر برائي آهي پوءِ جنهن معاف ڪيو ۽ ڪم درست ڪيائين تہ پوءِ ان جو اجر الله تي آهي بيشڪ اهو پسند نہ ٿو ڪري ظالمن کي.

هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ بُرائي جي برابر بدلو وٺڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر بدلو نہ وٺڻ ۽ معاف ڪرڻ افضل آهي. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زندگي ۾ ان جا ڪوڙ مثال موجود آهن جو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارن کي رضاءِ الٰهي جي لاءِ معاف

ڪري ڇڏيو ۽ قدرت باوجود انهن کان بدلو نہ ورتندا هئا. اچو! ان جا بہ (2) مثال ٻڌو ۽ معاف ڪرڻ جي عادت ٻڻايو، جيئن تہ

(1) ...صلحِ حُدَيبِيہ جي سال جبلِ تَنْعِيم واري پاسي کان اسّي(80) ماڻهن جو ٽولو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان آيو، جڏهن پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن تي غلبو ماڻي ورتو تہ بدلو وٺڻ تي قدرت جي باوجود انهن تي احسان ڪندي ڇڏي ڏنائون.

(2) ...غورث بن حارث جنهن ننڊ جي حالت ۾ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي وار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حضورِ اَقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيدار ٿي ويا ۽ جڏهن ان جي تلوار پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبضي ۾ اچي وئي ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ کي سڏائي ان جي ارادي کان باخبر بہ ڪيائون ۽ قدرت جي باوجود رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي معاف ڪري ڇڏيائون. (تفسير ابن ڪثير، الشوري، تحت الآية: ٣٩، ٧/١٩٣-١٩٤) (صراط الجنان،٩/٨٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس دارُالمدينہ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ اسان جي نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو عفو و درگذر جو انداز تمام ئي نرالو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا پنهنجي ذات کي نشانو ٻڻائڻ وارن کان ڪڏهن بہ بدلو نہ ورتائون بلڪ هميشہ معافي سان نوازيندا رهيا، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن سنت تي عمل ڪندي معاف ڪرڻ جو جذبو پنهنجي اندر پيدا ڪريون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي اهڙي ئي پياري عادتون اپنائڻ جي ترغيب ڏياريندي آهي ۽ اُمّتِ مسلمہ ۾ دِيني تعليمات عام ڪرڻ جي لاءِ مختلف موقعا فراهم ڪندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي علم دين سيکارڻ جي لاءِ جامعاتُ المدينہ، مدارسُ المدينہ، سُنّتن ڀريا اجتماع، مَدَني قافلا، علاقائي دورو

براءِ نيڪي جي دعوت، مدني تربيتي ڪورس، فرض عُلُوم ڪورس، مَدَني چينل ۾ درسِ فيضانِ سُنَّت وغيره جي ذريعي خُوب ڪوشش ڪري رهي آهي. ان جي علاوه مدني منن ۾ مدني منين ڪي دِيني ۾ دُنياوي تعليم سيکارڻ جي لاءِ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ دارالمدينہ بہ قائم ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ پڙهندڙ مدني مُنّا ۾ مدني مُنّيون نہ صرف باوقار مُسلمان بڻجي سگهندا، بلڪ بهترين تعليم حاصل ڪري خُودڪفيل ٿي مُعاشري ۾ نُمايان مقام بہ حاصل ڪندا. تنهنڪري اسان پاڻ بہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهون ۾ پنهنجن ٻارن جي اِصلاح ۾ مدني تَربِيت جي لاءِ انهن کي جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ دارُالمدينہ ۾ داخلہ ڪرايون اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان جا ٻار پڻ باعمل بڻجڻ سان گڏوگڏ پنهنجو مستقبل بہ روشن ڪندا.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جانورن تي ظلم ڪرڻ بہ حرام آهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام جي خوبي آهي تہ ان انسانن جي حقن سان گڏوگڏ جانورن جي حقن جو بہ خيال رکيو آهي. جهڙي طرح ڪنهن انسان تي ظلم ۾ زيادتي حرام آهي اهڙي طرح جانورن کي بکايل اڃايل رکڻ، مارڻ وغيره تڪليف پهچائڻ بہ حرام آهي بلڪ جانورن تي ظلم ڪرڻ انسان تي ظلم ڪرڻ کان وڌيڪ وڏو گناهہ آهي ڇوتہ انسان تہ پنهنجو درد تڪليف ڪنهن کي ٻڌائي سگهي ٿو، قدرت رکندو هجي تہ بدلو بہ وٺي سگهي ٿو پر بي زبان جانور ڪنهن سان فرياد ڪري؟ افسوس هاءِ افسوس اڄڪلهہ جانورن تي جيڪو ظلم ڪيو ويندو آهي ڪنهن کان لڪيل ناهي، ڪڏهن تہ انهن بي زبانن کي ٽائم تي پاڻي ۾ چارو ناهي ڏنو ويندو، تہ ڪڏهن گرمين جي سخت اُس ۾ يا سياري جي سخت ٿڌين راتين ۾ ائين ئي کليل آسمان هيٺ ٻڌو ويندو آهي، ڪڏهن انهن تي طاقت کان وڌيڪ سامان لڏي وڏي فاصلي تائين زبردستي هڪليو ويندو آهي، منڊي کان آڻڻ جي لاءِ گاڏي تي چڙهائڻ لاهڻ جو

مناسب انتظام ناهي ڪيو ويندو ۽ گاڏي ۾ ريت يا بوهه وغيره ناهي وڌو ويندو جنهن سبب ڪيئي جانور زخمي ٿي ويندا آهن. جڏهن ته جانورن تي ظلم ڪرڻ کان نبي ڪريم، روف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن منع فرمايو آهي: جيئن ته

## بارگاه رسالت ۾ اُٺ جي فرياد!

هڪ ڀيري حضور نبي ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ انصاري جي باغ ۾ تشريف کڻي ويا اتي هڪ ٻينل اٺ زورزور سان دانهون ڪري رهيو هو. جڏهن ان پاڻ کي ڏٺو ته ٻلٻلائڻ لڳو ۽ ان جي ٻنهي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويجهو وڃي ان جي مٿي ۽ ڪن جي پاپڙي تي پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڦيرايائون ته اهو تسلي ڪندي بلڪل ماٺ ٿي ويو. پوءِ پاڻ سڳورنصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماڻهن کان معلوم ڪيو ته هن اٺ جو مالڪ ڪير آهي؟ ماڻهن هڪ انصاري جو نالو ٻڌايو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪدم ان کي گهرايو ۽ فرمايائون ته الله پاڪ انهن جانورن کي توهان جي قبضي ۾ ڏيئي انهن کي توهان جو تابعدار بڻايو آهي، تنهنڪري توهان تي لازم آهي ته انهن جانورن تي رحم ڪريو، تنهنجي هن اٺ مون سان تنهنجي شڪايت ڪئي آهي ته تون هن کي بکيو رکين ٿو ۽ ان جي طاقت کان وڌيڪ هن کان ڪم وٺي هن کي تڪليف ڏين ٿو. (سنن ابو داود،ڪتاب الجهاد، با ب مايومربه ۔۔الخ، ۳۲/۳،حديث ۲۵۴۹)

ہاں یہیں کرتی ہیں چڑیاں فریاد ہاں یہیں چاہتی ہے ہرنی داد
اِسی در پر شُترانِ ناشاد گلہٗ رنج و عَنا کرتے ہیں
(حدائق بخشش، ص۱۱۳)

شعر جي وضاحت: نبي ڪريم، رؤوف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ته اها عظيم بارگاهه آهي جتي انسان ته انسان بلڪ جهرڪيون پنهنجي فرياد کڻي اينديون آهن ۽ انهن جي فرياد رسي ڪئي ويندي آهي، هرڻي انصاف جي

طلبگار تي حاضر ٿيندي آهي، مراد حاصل ڪري خوش و خرم موٽندي آهي، اهو ئي تہ اهو در آهي جتي اُٺ شڪايت ڪٽي حاضر ٿئي تہ ان جي بہ شڪايت دور ڪئي ويندي آهي .

معلوم ٿيو تہ جانورن کي بلا وجہ تڪليف ڏيڻ انهن کي بکايل اڃايل رکڻ نهايت برو فعل آهي جانورن تي ظلم ڪرڻ وارن کي گهرجي تہ سنڀلجي وڃن نہ تہ بِلاوجہ تڪليف ڏيڻ جي سبب تي سگهي ٿو انهيءَ جانورن کي عذاب طور اسان تي مُسَلّط ڪيو وڃي. امام احمد بن حجر مڪي شافعيرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو يا ان کي بکايل اڃايل رکيو يا ان جي طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو تہ قِيامت جي ڏينهن ان کان انهيءَ مثل بدلو ورتو ويندو جيڪو ان جانور تي ظلم ڪيو يا ان کي بکايل رکيو هوندو. (الزواجر عن اقتراف الكبائر ، ۱۷۴/۲)

جيئن تہ رَحمت عالَم، نورِ مُجَسَّمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهنَّم ۾ هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺو جو اها لٽڪيل آهي ۽ هڪ ٻلي ان جي چهري ۽ سيني کي رهڙي رهي آهي ۽ ان کي اهڙو ئي عذاب ڏئي رهي آهي جيئن ان (عورت) دنيا ۾ قيد ڪري ۽ بکايل رکي ان کي تڪليف ڏني هئي.
(صحيح البخاري،كتاب المساقاة،باب فضل سقي الماء،۱۸۵/۲،الحديث:۲۳۶۴مفهوماً )

ڈنک مچھر کا سَہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر
قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یاربّ!

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ عبرت آهي جيڪو بنا سبب جي جانورن کي مارين ٿا، ائين نہ ٿئي جو جانورن تي اهو ظلم اسان کي جهنم جي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. هن مان انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو گڏه گاڏي، ڏاند گاڏي،اٺ گاڏي هلائن ٿا ۽ انهن جانورن جي طاقت کان وڌيڪ انهن تي وزن رکن ٿا، ڪڏهن تہ

سامان وڏيڪ هئڻ جي ڪري ويچارو جانور مٿي ٿي ويندو آهي ان تي افسوس ڪرڻ جي بدران ماڻهو تفريح وٺن ٿا ۽ فني ڪلپ جي طور تي ان جي وڊيو ٺاهڻ شروع ڪن ٿا. اهڙي طرح جيڪي ماڻهو مڇي جو شڪار ڪن ٿا اهي زنده سانپي (Earthworms) جا ٽڪرا ڪري ڪُنڍي ۾ ڦاسائي پاڻي ۾ وجهندا آهن جنهن سان جلد ئي مڇي ڪنڊي ۾ ايندي آهي. غور ڪريو سانپي (يعني هڪ ڏکهي جيت) جي جان نڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ويچاري جا ڳترا ڪري ڪنڍي ۾ وجهڻ ڪيترو وڏو ظلم آهي، جيڪڏهن اهو ئي ظلم اسان سان ڪيو وڃي ته اسان تي ڇا گُذرندي. انهيءَ تي بس ناهي بلڪ جيڪڏهن ڪنڍي ۾ مڇي بدران ڪو ڪيڪڙو يا ڪمي اچي ته انهن کي واپس پاڻي ۾ موٽائڻ جي بدران وڏي بي دردي سان ڪنڍي مان ڪڍي اتي ئي ماريو ويندو آهي يا وري زنده ئي روڊ تي اڇلايو ويندو آهي جنهن سان اهو مظلوم جانورگاڏين جي هيٺ اچي چيپاٽجي ويندو آهي. بعض ماڻهو صرف تفريح ۽ شوقيہ طور تي مڇي جي شڪار تي ويندا آهن انهن کي مڇي کان ڪا دلچسپي ناهي هوندي بلڪ مقصد پڪنڪ ملهائڻ هوندو آهي اهڙن کي غور ڪرڻ گهرجي ته مان جيڪو ڪنڍي پاڻي ۾ وجهي وينو آهيان ان جو مقصد (Purpose) ڇا آهي ڇا مون کي مڇي جي حاجت آهي يا صرف تفريح جي لاءِ ويٺل آهيان ڇوته شوقيہ طور تي مڇي جو شڪار ڪرڻ حرام آهي، جيئن ته

## تفريح خاطر مڇي جو شڪار ڪرڻ ڪيئن؟

امامِ اهلِسنّت ، مُجدِّدِ دين وملّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: ”شڪار کي صرف شوقيہ، تفريحي طور هجي، جنهن کي ”راند“ سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري شڪار ڪرڻ چوندا آهن. بندوق جو هجي، چاهي مڇي جو، روزانو ڪيو، يا ڪڏهن ڪڏهن، مطلقًا بالاتفاق حرام آهي. حلال اهو آهي جيڪو کائڻ جي غرض يا دوا يا ڪنهن ٻئي نفعي يا نقصان کي پري ڪرڻ لاءِ هجي. اڄڪلهه وڏا وڏا شڪاري جيڪي ايترا غرور وارا آهن جو بازار مان پنهنجي خاص ضروري کائڻ يا پائڻ واريون شيون آڻڻ کي پنهنجي

شان جي خلاف سمجهندا آهن يا نرم اهڙا جو ڏهه قدم اُس ۾ هلي مسجد ۾ نماز جي لاءِ حاضر ٿيڻ مصيبت سمجهن اهي ٿاڪ منجهند سخت اُس ۾ گرم ريت تي هلڻ، ترسڻ ۽ گرم هوائون برداشت ڪندا آهن ۽ اڌ ڏينهن بلڪ ٻہ ٻہ ڏينهن شڪار جي لاءِ گهرگهاٽ ڇڏي ٻاهر رهندا آهن! ڇا اهي ڪائڻ جي غرض سان ويندا آهن! هرگز نہ، بلڪ اهو ئي لهو لَعِب (يعني راند روند) آهي ۽ بالاتفاق حرام آهي. هڪ وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ ان شڪارين ڪي ڇئو:

مثال طور مڇي بازار مان ملندي آهي اتان خريد ڪري وٺو، هرگز نہ مڃيندا يا ڇئو اسان آٽي ڏيون ٿا ڪڏهن نہ مڃيندا، بلڪ شڪار ڪان پوءِ ڪائڻ سان بہ انهن ڪي غرض ناهي هوندو ورهائي ڇڏيندا آهن تہ اهڙي شڪار تي وڃڻ يقيناً تفريح ۽ حرام آهي. (فتاوٰي رضويه ج٢٠ ص٣٤١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻي مختصر طور ظلم جا ڪجھ سبب ۽ انهن جو علاج ٻڌون ۽ هن بري عادت ڪان پيڇو ڇڏائڻ جي نيت ڪيون ٿا، جيئن

## ظلم جي انجام کان بي خبر هئڻ:

ظلم جو هڪ سبب ظلم جي انجام ڪان بي خبر هئڻ آهي تہ جڏهن اسان ڪي خبر ئي نہ هوندي تہ ظلم جا ڪهڙا نقصان آهن تہ ظلم ڪان بچڻ ۾ دُشواري ٿيندي. تنهنڪري هن جو علاج هي آهي تہ قرآنِ ڪريم، احاديثِ مبارڪ ۾ هن حوالي سان جيڪي ارشاد موجود آهن انهن ڪي بار بار پڙهو ۽ عمل جي ڪوشش ڪريو.

## دل جو سخت هئڻ:

ظلم جو هڪ سبب گناهن جي ڪري دل جو سخت هئڻ بہ آهي ڇوتہ سخت دل انسان ڪي رحم ناهي ايندو. دل جي سختي پري ڪرڻ جي لاءِ اهڙا عمل ڪيا وڃن جيڪي دل جي نرمي جو سبب بڻجندا آهن مثال طور تلاوتِ قرآنِ

ڪريم جو معمول ٻڌائڻ ۽ موت کي ڪثرت سان ياد ڪڻ.

## دولت جي ڪثرت:

ظلم جو هڪ سبب مال ۽ دولت جي گهڻائي به آهي ڇوته انسان ڪڏهن ڪڏهن دولت جي نشي ۾ مغرور ٿي ويندو آهي ۽ غريبن کي ڪجهه به نه سمجهندو آهي، اهڙي شخص کي گهرجي ته مال ۽ دولت جي محبت دل مان ڪڍي هن ڳالهه کان ڊپ ڪري ته جيڪڏهن مان دنيا ۾ ڪنهن تي ظلم ڪندس ۽ پنهنجي دولت جو رعب ڏيکاريندس ته ممڪن آهي مون کان اها دولت کسجي وڃي ۽ ڪنهن مظلوم جي بد دعا جو شڪار ٿي مان ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار نه ٿي وڃان.

## منصب وارو هئڻ:

ڪڏهن ڪڏهن ڪو رتبو يا منصب ملڻ به ٻين تي ظلم جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ ڪو صاحبِ منصب پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺندي غريب ۽ بي قصور ماڻهن جي خلاف ناجائز فيصلوڪندو آهي. اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته پاڻ کي هن ڳالهه کان ڊيڄارين ته جهڙي طرح مان ڪنهن غريب تي پنهنجي طاقت استعمال ڪري رهيو آهيان بروزِ قيامت سمورن حاڪمن جي حاڪم الله پاڪ جهنم ۾ وڃڻ جو فيصلو ٻڌايو ته منهنجو ڇا ٿيندو.

## رب تعاليٰ کان دعا ڪريو !

ظلم کان بچڻ جي لاءِ جن جن تي اڄ تائين ڇاهي ڪهڙو ئي ظلم ۽ ستم ڪيو هجي هڪدم معافي گهرڻ کپي ۽ پوءِ بارگاهِ الٰهي ۾ خلوص نيت سان آئنده ان عظيم جرم، ڪبيره گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ واري ڪم کان بچڻ جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪندو رهڻ گهرجي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن گناهه کان نجات ملي ويندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب !　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ ظلم جي مذمت ۽ ظالمن جي انجام جي حوالي سان آيتون سڳوريون، احاديث ڪريمہ ۽ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي اها بہ خبر پئي تہ.

- ظلم الله پاڪ جي ناراضي جو سبب آهي .
- ظلم جي ڪري انسان دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ڪٺي ٿو.
- ظلم ڪرڻ واري شخص کي جهنم جي باهہ ۾ سڙڻو پوندو.
- مظلومن جي الله ڪريم خود مدد ڪري ٿو.
- مظلومن جي لاءِ صبر جي صورت ۾ وڏو اجر ۽ ثواب آهي .
- مظلومن جي مدد ۽ خير خواهي ڪرڻ سان الله تعاليٰ خوش ٿيندو آهي.
- مظلومن جي مدد ڪرڻ خوش بختي ۽ سعادت مندي جي ڳالهہ آهي.

الله ڪريم اسان کي بہ ظلم ڪرڻ ۽ ظلم ڪيو وڃڻ کان محفوظ ۽ مامون فرمائي. اٰمين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حسنِ سلوڪ جون سنتون ۽ آداب

اڳ! سڀ کان پهريان حُسنِ سُلُوڪ جي فضيلت تي 2 فرمانِ مصطفيٰ

[1] ...مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪريو: (1) هر حُسنِ سُلُوڪ (Politeness) صدقو آهي غني سان ڪريو يا فقير سان. (مجمع الزوائد، كتاب الزكوٰة، باب كل معروف صدقة، ۳۳۱/۳، حدِيث: ۴۷۵۴) (2) جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته صِلَہ رِحمي (رشتيدارن سان سٺو ورتاؤ) ڪري. (بخاري، ۱۳۶/۴، حديث: ۶۱۳۸) ★ قرآن ۽ حديثن ۾ اسان کي والدين، رشتيدارن، يتيمن، مسڪينن، قريبي ۽ پري جي پاڙيسرين، مسافرن ۽ ٻانهي غلامن سان حُسنِ سُلوڪ ۽ ڀلائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنت آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ ۾ والدين جو رتبو سڀ کان وڌيڪ آهي. (ردالمحتار، ۹/ ۶۷۸ ملخصاً) ★ حُسنِ سُلُوڪ جون مختلف صورَتون آهن، هدِيو ۽ تحفو (Gift) ڏيڻ ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪم ۾ مدد گهرجي ته ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر، ۳۲۳/۱ملخصاً) ★امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ياد رکو! جيڪڏهن توهان ماڻهن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش نہ آيا تہ اهي توهان جا دشمن بڻجي ويندا توڙي جو توهان جا ماء پيءُ ئي ڇو نہ هجن. (امام اعظم کي وصيتين،ص ۲۵) ★ اولياءُ الله پنهنجون برائيون ڪرڻ وارن بلڪ جاني دشمن سان بہ حسنِ سلوڪ ڪندا هئا. (غيبت کی تباہ کاریاں ص۳۴۲ ماخوذاً) ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان الله پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان مسلمانن جي طرفان ان شخص جي ساراهہ ٿيندي آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان شيطان کي رَنج پهچندو آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان عمر وڌندي آهي. ★ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. (تَنبيه الغافِلين، ص ۷۳ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتين۽آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(4)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

4... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305